SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريہ 1995

SINDH ACT NO.IV OF 1995

سنڌ پيور فوڊ (ترميم) ايڪٽ، 1995

THE SINDH PURE FOOD (AMENDMENT) ACT, 1995

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان، اضافوءِ شروعات
Short title, extent and commencement

2. 1960 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس نمبر VII جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of W.P Ordinance No.VII of 1960

3. 1960 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس نمبر VII جي دفعہ 37 جي ترميم
Amendment of Section 37 of W.P Ordinance No.VII of 1960

سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريہ 1995

SINDH ACT NO.IV OF 1995

سنڌ پيور فوڊ (ترميم) ايڪٽ، 1995

THE SINDH PURE FOOD (AMENDMENT) ACT, 1995

[27 سيپٽمبر 1995]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ پيور فوڊ آرڊيننس، 1960 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن تہ سنڌ پيور فوڊ آرڊيننس، 1960 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان، اضافو ۽ شروعات

Short title, extent and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ پيور فوڊ (ترميم) ايڪٽ، 1995 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي ۽ اهڙي تاريخ کان لاڳو ٿيندو، جيئن حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي بيان ڪري.

1960 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس نمبر VII جي دفعہ 2 جي ترميم

Amendment of

2. سنڌ پيور فوڊ آرڊيننس، 1960 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايو آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2 ۾:

(i) شق (9) ۾، موجود وضاحت کي "وضاحت_I" طور ٻيهر نمبر ڏنو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺين نئين وضاحت جو اضافو ڪيو ويندو:

Section 2 of W.P Ordinance No.VII of 1960

"وضاحت_II" "آيوڊين ملايل لوڻ" کي يا هن ايڪٽ جي مقصد لاءِ آيوڊين طور يا ڪنهن ٻي خوراڪ ۾ جزي طور استعمال جي صورت ۾ استعمال ٿيڻ جي صورت ۾ خوراڪ سمجهيو ويندو."

(ii) شق (14) کانپوءِ، هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

"(14_A)" "آيوڊين ملايل لوڻ" مطلب ڪائڻ لائق عام لوڻ (نمڪ) جنهن ۾ آيوڊين جي ڪوٽ کي پوري ڪرڻ ۽ حفاظت جي مقصد لاءِ پوٽيشم آيوڊائيڊ جو اضافو ڪيو ويو هجي، اهڙي طريقي ۽ ايتري قمدار ۾ جيئن بيان ڪيو ويو هجي."

1960 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس نمبر VII جي دفعه 37 جي ترميم

Amendment of Section 37 of W.P Ordinance No.VII of 1960

3. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعه 37 ۾:

(a) شق (e) لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(e) ڪنهن خاص مادي يا جزي جي استعمال کان منع يا ان جو استعمال:

(i) ڪنهن کاڌي جي جوڙجڪ يا تياري ۾؛

(ii) کاڌي طور".

(b) شق (f) ۾، لفظ "خوراڪ" ۽ لفظ "هوندو" وچ ۾ لفظن "بشمول آيوڊائيزڊ لوڻ" کي شامل ڪيو ويندو.

نوٽ:_ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.